
پچي ويل زندگي
بنسي خوبچندا

ادبي سونهري
سرجڻي هيرا بنائيندڙ
بنسي خوبچنداڻي

پيچي ويل زندگي

(ڪهاڻين جو مجموعو)

بنسي خوبچنداڻي

سلسلو

Bhaji Vayal Zindgi

(Collection of Sindhi Short Stories)

By Bansi Khubchandani

Year- 1989

Price- Rs. 15/-

Published by- Smt. Premlata Khubchandani
A/2 'Anagha' Society, Sarojini Naidu Road,
Mulund (W), Bombay-400 080.

Printed by- Shri Ishwardas V. Jadwani
at Raju Printers, Station Road,
Ulhasnagar-42 003.

Cover Design- Smt. Jaya Puranik

Co-operation- Vikram Sahani

مهاڳ

جڏهن کان انسان پيدا ٿيو آهي تڏهن کان ڪهاڻي به پيدا ٿي آهي. ڳالهه کي ڪهاڻيءَ جيئان ٻڌائڻ جو شوق گهڻن کي ٿئي ٿو. صرف ٻڌائڻ جو ڍنگ هر ڪنهن کي پنهنجو پنهنجو ٿئي ٿو. ڪو ڳالهه کي سسائي ٿو، ڪو وڌاءُ ڪري ٻڌائي ٿو، ڪو اَٽيي سٽيي مزو ڏي ڪٽي ٿو ڳالهه ٻڌائي ٿو، ڪو اُن ۾ مرچ مصالح گڏي ڳالهه کي سوادي بڻائي ٿو ٻڌائي.

ڪهاڻيءَ جو موضوع ليکڪ جي سياءَ تي منحصر آهي. ڪنهن کي دک ڀري ڳالهه ٿي وڻي ته ڪنهن کي خوشيءَ جي، ڪو جسماني ڳالهه ۾ دلچسپي وٺي ٿو ته ڪو مانسڪ ڳالهه ۾، ڪو سماج کي پنهنجي شوق جو مرڪز ٿو بڻائي ته ڪو آرٽ ڳالهه کي ڪٿي پنهنجو زور نچوئي لکي ٿو.

ڪي ٻڌائڻ جو شوق رکن ٿا ته، ٻيا ڪي وري نقطچيني ڪرڻ جو سوداءُ پالين ٿا. نقطچين چوندا ٿا وتن ''هيئن نه لکو هئون لکو، هي لفظ نه، هو لفظ ڪم آڻ، ٻڌائڻ جو نمونو هي صحيح ناهي پر هو

هڪ وک کڻندي روشني،
ٻي وک کڻندي ٻاٽ،
ٽانڊاڻيءَ جي لاٽ،
رات انڌاري پنڌ گھڻو.

نارائڻ شيام

ورتاءُ ڪن، اهڙي ڳالهه جا تفصيل ٻڌائڻ سان ڏنل آهن.

"رشتن جا ڦوڪڻا" ڪهاڻيءَ ۾ اڄ جي انسان جي روزمره جي زندگي چٽيل آهي جنهن ۾ هڪ منو وگيانڪ سچ صحيح نموني ۾ ڦهڪايل آهي. مرد جڏهين پنجٽيهن چاليهن ورهين جو ٿئي ٿو، نوان جي خيال کان يا پنهنجي جوان هجڻ جي ڀيهر پڪ ۽ خاطري وٺڻ جي خيال کان شادي شده هوندي به ٻيءَ زال ڏانهن من ڊوڙائي ٿو. اڳئين زماني ۾ ان سچ کي قبول ڪيو ويندو هو ۽ مرد جي ٻهراڻ پڇڻ کان سالن بعد مڙس کي پنهنجيءَ ڀيڻ، سوٽ يا ماسات سان شادي ڪرائيندي هئي. پر هاڻ آرٿڪ ۽ سماجڪ ڳالهين کي خيال ۾ رکي ائين نه ٿو ڪيو وڃي. ان حالت ۾ پنجٽيهه پنجاه سيڪڙو مرد آفيس ۾ يا ڌنڌي وغيره جي ڪيترن ۾ ڪنهن ٻيءَ زال کي پنهنجي جسماني يا محبتي دائره ۾ آڻين ٿا. پر اها ڳالهه اڄ ڪالهه مرد جي پڪڪ جيئان ٿي پوي ٿي. ڪجهه وقت لاءِ گهمي ڦري، دل ۽ دماغ کي نئين شوق ذريعي تازو ڪري مرد پنهنجي اڳينءَ استريءَ ۾ اچي وڃي ٿو. اِها ڳالهه بسيءَ نهايت خوبيءَ سان چٽي ڪئي آهي.

"پروموشن" ڪهاڻي هڪ وچتر ڪهاڻي آهي

صحيح آهي، فلاڻي جي ڪهاڻي مون کي ڏاڍي ٿي ۽ فلاڻي جي مونکي پسند نه ٿي اچي......“

خير... نقادن جي مقرر ڪيل نيمن مؤجب يا نقطچينن جي صلاحن مؤجب لکندڙ سدا ليکڪ سڏجن ٿا ۽ ٿيو به. آهڙا ليکڪ سٺيون ڪهاڻيون لکن ٿا، ائين نه بلڪل ئي ڪينهي! لازو ڪيرت مهرچنداڻيءَ جي سمپادڪيءَ ۾ نڪرندڙ مئگزين ”بيجل“ ۾ نارائڻ محبوباڻيءَ جي لکيل ڪهاڻي ”سيتا جو سويمبر“ پڙهيم. ڪيترن چڱن ڀلن ڪهاڻينويسن جي ڪهاڻين کان گهڻو گهڻو سٺي اِها ڪهاڻي هئي!

ائين ٻئي خوبچنداڻي به تمام سٺيون ڪهاڻيون ٿو لکي. سندس هن مجموعي جون سڀ ڪهاڻيون سٺيون آهن.

”ٻهي ويل زندگي“ ڪهاڻيءَ ۾ سنڌي گهر جو ماحول، سنڌي ٻول، سنڌي ڪردار سان گڏوگڏ انساني سڀاءُ جنهن ۾ نوموُنءَ جي زال مڙس جو پاسو نه ڪٽي پٽ ننهن جو پاسو ڪٽيندي ٿي رهي يا پيءُ جي سرگواس ڪرڻ وقت بعد هيڏي پٽ ڪشور کي پيءُ جي دوست جو اچڻ وڃڻ اڻڀرو نه ٿو وڻي پڻ چٽيل آهي. اڄ جي زماني ۾ جيڪا نئين لهر لڳي آهي جنهن ۾ نديا اڻڀرو خودغرض ۽ بي شڪر ٿي پيا آهن جو ماءُ پيءُ سان ٻيڪار چيزن جيئان ٿا

بابت ٻڌائي ٿو پر هن شخص جو صرف بدن ئي اُتي حاضر رهي ٿو باقي سندس من ساڳي ڳالهه ۾ ئي ايترو مشغول آهي جو هو مهاتما جا وچن هاڻ ٻڌي ئي نه ٿو.

ليکڪ جي هيءَ آکاڻي منو وگيانڪ ئي آهي.

”زندگيءَ کان زندگيءَ تائين“ آکاڻيءَ زال مڙس جي رشتي بابت آهي. هيءُ رشتو هڪ انسان کي ٻئي جي ايترو ويجهو آڻي ٿو جو ٻيا سڀ رشتا پري هٽي وڃن ٿا. انهيءَ ۾ آدمي پنهنجي جيون-ساٿيءَ کي جيئن هو آهي تيئن قبول نه ٿو ڪري! ماءُ يا پيءُ جيئن يا جهڙي آهي، هن کي اهو خيال نه ٿو اچي ته انهن کي بدلائي به وٺي اچان! مگر زال کي هو بدلائڻ چاهي ٿو. هن جو سڀاءُ ڦيرائڻ چاهي ٿو، هن کي پنهنجيءَ مرضيءَ موجب هلائڻ چاهي ٿو ۽ هن جي خامين تي زور ڏئي پاڻ کي ڏايو پريشان ڪري ٿو. ڪيترن جوڙن جو اهو حال آهي جو هو هڪ ٻئي کي جهڙا آهن تهڙا تسليم نه ڪري انهن کي ٻيءَ طرح يا ٻئي سڀاءَ يا حال جا ڏسڻ چاهين ٿا ۽ ائين نه ٿو ٿئي ته پاڻ ڏايو دکي ٿين ٿا!

”مکڻيءَ جي ڳولها ۾“ ڪهاڻيءَ ۾ ماڻهوءَ جو اولاد لاءِ پيار ڏيکاريل آهي. اڪبر بيربل کان پڇيو هو ته دنيا ۾ سڀ کان مٺو ميوو ڪهڙو آهي؟ بيربل

جا انسان جي من جي عادت کي چٽرت ڪري ٿي. هونئن انسان جو بدن هڪ هنڌ ويٺو هجي ته سندس من ساري دنيا گهمي اچي ٿو مگر جيڪڏهين اُن من کي خاص قسم جي ڳٽتي هجي ته پوءِ اوُ هڪ ئي ڳالهه تي اٽين اَٽڪي پوي ٿو ائين جيئن ڀڳل رڪارڊ تي سئي اَٽڪي پوندي آهي ۽ ساڳي ساڳي ڳالهه پيئي اُتان ٻڌبي آهي.

هڪ شخص کي آفيس ۾ پروموشن ملڻو آهي ۽ ان پروموشن تي سندس حق ٻه آهي مگر ڪيس اهو پروموشن ملي نه ٿو. اها ڳالهه ڪيس ايترو ته ستائي جو سندس من صرف اها ئي ڳالهه ٻيو سوچي! هوُ مهاتما جو اُپديش ٻڌڻ وڃي ٿو. مهاتما گيتا جا شلوڪ سمجهائي رهيو آهي. هوُ مڪتيءَ جو ذڪر ڪري سيدي کي چئي رهيو هو ته موهه ۽ ايمان کان آجا ٿيو. ماڻهن، ڳالهين ۽ شين جون غلط ڌارڻائون ئاهي اوهان پنهنجو من اَجايو ئي انهن ۾ ڦاسائي رکيو آهي. سواميءَ جي ڳالهه ڪيس دل سان لڳي ٿي. هن کي ايتري ٻڌي آهي جو هوُ سمجهي سگهي ته پروموشن تي ئي سندس سک يا خوشيءَ جو آڌار ڪيدهي. مگر پوءِ ٻه هنجو من وري وري پروموشن نه ملڻ واري ڳالهه تي اَٽڪي پوي ٿو!

مهاتما من جي شانتي حاصل ڪرڻ جي اُپاءِ

ٻنهي انسان جي من ۾ پيهي هڪ رواجي ڳالهه کي اُهڙو رنگ ڏنو آهي جو اِها ڳالهه من کي ڏک هڻي ٿي وڃي!

”موهه جون ديوارون ۽ واسنا جا سڳ“ ڪهاڻيءَ ۾ هڪ مرد جي جسماني ٻک ڏانهن اشارو ڪيل آهي. هڪ سهڄ سڀاويڪ تقاضا کي سماج جي نيمن ڪيئن نه خراب رنگ ڏيئي ڇڏيو آهي؟

ٻنهيءَ هن ڪهاڻيءَ ۾ هڪ ناياب جملو چوايو آهي. گهڻي ڀاڳي وڏر جوان کي چيو ويندو آهي ته پنهنجي لاءِ نه مگر ٻارن لاءِ ٻي شادي ضرور ڪر. هن ڪهاڻيءَ جو ڪردار چوي ٿو پنهنجي لاءِ ته جيڪر شادي ضرور ڪريان مگر ٻارن جي ڪري ٿي نه ٿو ڪريان! ڇو ته ماٽيلي ماءُ ٻارن جي سڳي ماءُ بڻجي نه سگهندي.

”سڳنو رام رکياڻي“ ڪهاڻيءَ ۾ پيار ۽ هوس جي وچ ۾ فرق ڏانهن لوچ ڏنل آهي.

ليکڪ زندگيءَ جي لازوال حقيقتن سان هاڻوڪي زماني جي لکڻيءَ جي طرز مطابق نباهيو آهي. آفيس جو ماحول ۽ گهر جي فضا ۾ هڪ رواجي ماڻهوءَ جي زندگيءَ ۾ آيل گهٽنائن جو ذڪر ڪري هن اُن ماڻهوءَ جو رد عمل ڏيکاريو آهي. ليکڪ جي وچارن جو سلسلو مسلسل آهي جنهن سان آسانيءَ

جواب ۾ چيو هو ”اولاد“. جنهن اولاد سکي آهي، خوش آهي، تندرست آهي ته مائٽ خوش آهن ۽ سکي آهن پر جيڪڏهن سندن سنتان کي بيماري پکڙي ٿي ته انهن جو سارو سک گم ٿي وڃي ٿو، سندن خوشي اڏامي وڃي ٿي. ڪين پوءِ بي ڪا به ڳالهه مٺي نه ٿي لڳي! پر جڏهين ڪين پنهنجي سنتان جي بيماريءَ جي نجات جو ڪو ڏس ملي ٿو تڏهين اهي ايئن خوش ٿا ٿين جڻ ڪين مڪتي ملي وئي آهي! جنم جي ڦيري کان نه ٿي سهين پر چنتائن کان ته ملي نه؟

”ٽٽل چشمو“ ڪهاڻي ان نوجوان جي آهي جو ماءُ جو پڳل چشمو ٺهرائڻ ڏيئي آيو آهي مگر ايترا پئسا ڪين اٿس جو مرمت جا پئسا ڏيئي عينڪ وٺي اچي! ايتري ۾ ڪيس پگهار ملي ٿو. ڪيسو گرم اٿس. سو ڪيس ۾ هڪ سهڻي ساڙهي ڏسي اها پنهنجي زال لاءِ خريد ڪري ٿو! مرد جو سڀاوڪ ونهوار آهي. پنهنجيءَ زال لاءِ سٺي يا سهڻي چيز خريد ڪري ۽ هڪي اِها شيءِ حاصل ڪري خوش ٿيندو ڏسي پاڻ به خوش ٿئي ۽ تصور ڪري محسوس ڪري ان سهڻي ساڙهيءَ ۾ هوءَ ڪيتري نه سندر لڳندي! جوان مرد آهي ان ڪري ماءُ جو چشمو ڪيس ايترو ياد نه ٿو رهي!

ٻيجي ويل زندگي

ڪاڪيءَ جي لاءِ ڪوٺڙي تيار ٿي وئي آهي. نرمون ڪاڪي جي وڃڻ کان هڪ هفتو پوءِ ئي سياڻي ڪاڪيءَ لاءِ الڳ ڪوٺڙي ٺهڻ جو ڪم شروع ٿيو هو. اڄ ٻارهن ڏينهن ۾ ڪوٺڙي تيار ٿي وئي آهي. ٻارهان ۽ ست. اُن جو مطلب ته نرمون ڪاڪي کي هلي وئي اڄ پورا ١٩ ڏينهن ٿيا.

نرمون ڪاڪو مونکي چڱيءَ طرح ياد آهي. جڏهن ڪٿي سانجهر کان وٺي ڏينهن رات پنهنجي سامهون واريءَ ڪوٺيءَ ۾ ڏسندو آيو آهيان، اهو ڀلا ڪيئن وسرندو! اسانجي الهاسنگر ۾ ٻن آمهون سامهون ٻئرڪن ۾ رهندڙ ماڻهن کي هڪ ٻئي جي پوري خبرچار هوندي آهي. ڪنهن کان ڪا ڳالهه ڳجهي نه هوندي آهي! پوءِ ڪاڪو نرمون ته منهنجي گهر جي سامهون واريءَ ڪوٺيءَ ۾ ئي رهندو هو.

منهنجو جنم الهاسنگر-١ ٻيءَ مڇي مارڪيٽ جي ٿورو پٺيان واريءَ هڪ ٻئرڪ جي ڪوٺيءَ ۾

ڪردارن جي من جو عڪس ڏسڻ لاءِ ملي ٿو وڃي.
ان عڪس مان اَسين زندگيءَ جا گوناگون روپ ڏسي
ٿا وٺون ۽ جيون جي اَدائن کي سمجهڻ جي ڪوشش
به ڪري ٿا وٺون.

ٻنهيءَ جون هي ڪهاڻيون مونکي ته خوب وڻيون
آهن پر ٻانهڪن اَڳيان رکي پڇون ٿا ”اوهان کي
وڻيون؟“

ڏوڀڻي ر. هيرانندائڻي

جو ٻ ڪاڪي جي عمر جو ڏهي اُهو ٿـــي ٥٠-٥٥
ورهين جـــو هوندو. جيوٽداس پنهنجي گهر ۾ ٿـــي
ڏيڍاهين ڪپڙا سبائڻ جـــو ڪم ڪندو هو جنهن ۾
سندس پٽ ڪشور ٻـــ هٿ وٺائيندو هو. ڪاڪي
ڏيوونءِ جي اچڻ تي هو سڀ ڪم ڇڏي ڪاڪيءَ
سان حال احوال اورڻ ويهي رهندو هو.

منهنجي گيان سان مڃ ڪان ڪونه ٿيندي آهي. هو مونکان ٻه سال ڪن وڏو آهي. جڏهن ته هو ٻڙيءَ تي رهندو آهي تڏهن مـــان اُتان ڪاٻه شيءِ ڪونه وٺندو آهيان. جڏهن ٻئي ننڍا هئاسين تـڏهن گيان مونکي هڪ اهڙو ته ڌڪو ڏنو هو جو اُن ڌڪي جو نشان اڄا منهنجي نرڙ تـــي آهي. شايد اهو نشان منهنجي من تي به رهجي ويو آهي.

ها باقي گيان جـي وڏي ڀيڻ سيتا جا گيان کان ٤-٥ سال وڏي آهي اُن مـونکي ڪڇ ۾ کڻي گهٽو ئي کيڏايو آهي. هاڻي هوءَ پنهنجي گهوٽ ۽ ٣ ٻارن سان ٺٽين نمبر ۾ رهندي آهـي. سندس پتي پوسٽ آفيس ۾ نوڪري ڪندو آهي. سيتا جو پنهنجي ماءُ ۽ پيءُ ۾ ساھ آهي. هفتي ۾ هڪ دفعو ضرور اچي سندن سڌ سماءُ لهي ويندي آهي. گيان جي ننڍي ڀيڻ دروپدي ته ٿورو اڳيان ٿـي هڪ مسواڙي جاءِ ۾ رهندي آهي. سندس گهوٽ فارين جـــي مال جو

ٺيو آهي. جڏهن کان ساڻس آئي آهي تڏهن کان ٺڙمون ڪاڪي کي سڄي هٿ ۾ ٽيلهي لڳائيندو ۽ ڪڇي هٿ سان پنهنجي ڏولي سنڀاليندو پنهنجي سيڌي جي پڙيءَ ڏانهن ايندو ويندو ڏٺو آهي. ڪٽڪ رنگو ڪاڪو ٺڙمون، ڪجهه ڏکيرو ڪاڪو ٺڙمون، اڌ اڇن ۽ اڌ ڪارن وارن جي وچ مان ميندي ڪيندڙ ۽ پنهنجي اڇي قميص لاءِ ٽي سونا بيڙا لڳائي هلندڙ ڪاڪو ٺڙمون.

ڪاڪي جي پڙي ۾ ٻاڙڪون پنيان مهنجي اسڪول جي ولجهو ٿئي هئي. مون ڪيترا ڀيرا سندس پڙيءَ تان بسڪيٽ يا ڪنمنڙا ونئي ڪاڏا آهن. هو هميشه مونکي "ٻچا" ڪري سڏ ڪندو آهي. اُن ٻچا اکر ۾ اڄ ٻه (جڏهن مان ٣١ سالن جو ٿي ويو آهيان) مونکي اڻاه سڪ ۽ سنيهه ملندو آهي.

ڪاڪي ٺڙمونءَ جي بيڙي پيڻ جو ڍنگ به عجيب هو. پنهي هٿن سان بيڙيءَ کي پڪڙي جڏهن سوٽو هڻندو هو تڏهن سندس ٻئي اکيون بند ٿي وينديون هيون. ڄڻ سڄي دنيا ڀلائي ٻاٽڪي سوٽي جي دنيا ۾ سمائڻ جي ڪوشش ڪندو هجي!

ڪڏهن جڏهن پنهنجي پٽ گيان کي پڙيءَ تي وهاري پڙيءَ جي پنيان واري گهر ۾ هليو ويندو هو. اُن گهر ۾ سندس نديڻ جو يار جيوٽداس رهندو هو

اُن دستاويز تي گيان کي پنهنجي ننڍي پيءُ
ڏروهه جي ٻـه صحيءَ جي ضرورت هئي. پـر ڏرو
سياڻي نڪتي. جيسين پاڻ کان هڪ هزار رپيا نه
ڇڏايائين تيسين صحي نه ڪيائين.

اُهو دستاويز نرمون ڪاڪي جي پڙيءَ جي
وڪڻڻ جو هو. پڙي ٻئي ڪنهن نه، پر ڪاڪي جي
جگري دوست جيوڻداس جي پٽ ڪشور خريد
ڪئي هئي. هوُ ڪيترن سالن کان ڪاڪي نرمونءَ
جي پٺيان هو ته هوُ ڪيئن پڙي وڪڻي. پر ڪاڪو
ڪيترن سالن کان ٽارڪي ٻڌائيندو آيو هو. جنهن
ڳالهه کي ڪاڪو نرمونءَ ڪيترن سالن کان ٽيڙ ڪان
ٻڌائيندو آيو هو اها ڳالهه ڪاڪي جي پٽ ڏيندي
ئي ٽي ولئي.

جيوڻداس جي اڄ زنده هجي ها ته اُئين ٽيڙ نه
ڏئي ها. هن جو نرمون ڪاڪي ۾ جهڙي ساهه هو.
ڏينهن جا ٻئي ڪلاڪ ته هوُ ضرور هڪ ٻئي جي
صحبت ۾ گذاريندا هئا. يا ته ڪاڪو نرمون پنهنجي
دوست جي گهر هلي ويندو هو يا جيوڻداس اچي
ڪاڪي جي پڙيءَ تي ويندو هئو. ڪيترا پيرا ماني
به گڏجي ئي کائيندا هئا.

مونکي ياد آهي ته جڏهن پنج سال اڳ جيوڻداس
ساڌ ڇڏيو هو ته ڏهن نرمون ڪاڪي زار زار رنو هو.

ڏنڊو ڪندو آهي. ڊرو ڦٽش انهن ڪندي آهي
جڙ ٻاڙ ۾ ڪا ڦارين جي ڳنڍي هجي. هوءَ جڏهن ٻ
ماءُ پيءُ وٽ ايندي آهي تڏهن ڪجهه نه ڪجهه
ڦري ٿي ويندي آهي.

هيئر مون ڳالهه ٿي ڪئي ته ڪاڪيءَ لاءِ الڳ
ڪوٺڙي تيار ٿي وئي آهي. ڪوٺڙي گهر جي
ٻاهران اڱڻ ۾ ٺهيل آهي. ڪوٺڙيءَ جي هڪ ڪنڊ
۾ ماني ٺاهڻ لاءِ تلهو به ٺهيل آهي. جڏهن گيان
جي ڪنوار ڪان هڪ پاڙي واريءَ پڇيو ته، "ڇو ڙي،
تون هاڻي ٿي سس کي الڳ ڪري رهي آهين ڇا؟"
ته موڙي جواب ڏنو هئائين، "اسان ڇو الڳ
ڪيونس مائيءَ کي. پر ڪڏهن ڪڏهن جي مرضي
ٿئيس ته الڳ ڪري کائي ته سگهي ٿي نه. اُن لاءِ
رنڌڻو به ٺهرائي ڏنو اٿئونس. اُن ۾ ته سندس ئي
ڀلو آهي."

ها ڀلو ته هدن سياڻيءَ ڪاڪيءَ جو گهڻو ئي
ڪيو آهي. نرمون ڪاڪي جي وڇڙ جي ٻئي ڏينهن
ئي گيان پنهنجي ماءُ کان هڪ دستاويز تي صحي
وٺي ڇڏي. سيتا به اُن وقت گهر آيل هئي. گيان
سندس به صحي وٺي ڇڏي. پوءِ پنهنجي زال کي
کلندي چيو هئائين، "هاڻي سمجهه اسانجا سڀ
ڏک دور ٿيا."

ٻه ڏنو هئائين، ”ڪاڪا، توهان نه واندا آهيو جو توهانجو ڌنڌو نه هلي ڪونه ٿو. پر اسانکي نه هزار ڪم آهن.“ ڪاڪو سمجهي ويو ته سندس پار ڪان سواءِ سندس گهر ٻئي پرائي تي پيو آهي. هو وس پڄندي وڃي جيوٽداس جي گهر نه ويو.

هاڻ هڪ سال اڳ جڏهن ڪشور کي مدي جو ٻخار ٿي پيو هو ته هو ڪيس پڇڻ ويو هو. ڪمري ۾ ٽنگيل جيوٽداس جي فوٽي کي ڏسي سندس من ڀرجي آيو ۽ ٽڪڙو ٻاهر نڪري آيو. پوءِ سندس پڙيءَ تي وهندي ٻه دل ڪونه ٿي. پڙي بعد ڪري هو گهر هلي آيو.

اُن وقت هنکي پنهنجي پيٽ جي تمنا ٿي. پر سندس وٽ پيڙن لاءِ پيسا ڪونه هئا. گيان اُن ڏينهن گهر ۾ نه ويٺو هئو. ڪاڪي گيان کي پيڙن جو بندل آڻڻ لاءِ چيو ته هو مڙجي ويو ۽ اناپ شناپ ورڻ لڳو، ”توهانجون پيڙون نه گهر جو ڏيوالو ڪڍي ڇڏينديون. ڪمائيو ڪجهه ڪونه وڃو پيا ڇڙو اُڏائيندا. مان پيڙن کي سڃاڻان، توهانکي سڃاڻان پا پنهنجي گهر کي سڃاڻان. مان ٻه ڪو لاٽ صاحب ڪونه آهيان. آهي اُهائي سڪي ٻڪي پرائيويٽ جي نوڪري. گهڻا دفعا چيو ٿي مانوَ نه اُها پڙي وڪڻي ڇڏيو نه ٻه پيسا هٿ ۾ اچن پر

ٿي ڏينهن پنهنجي پٽڙي ٻـ، ٻڌ رکي هٽائين. ماڻي ڪاڻڻ تي ٻه سندس اوراه نه ٻڌي ٿيو. سندس ڪوٺيءَ پرسان لنگهندي مون ڪيس پنهنجي گهر واريءَ کي چوندو ٻڌو هو، ”سدوري، هاڻي تـ ڀڳوان منهنجا ٻـ ڏينهن ڪٽائي. جڏهن پار هلي ويو تـ جڻ هي سنسار ٻـ هلي ويو.“ سياڻي ڪاڪيءَ تـ ڪيس ڪو جواب ڪونه ڏنو هو ٻـ، سندس نيڻن ضرور ٻڙٻڙ ڪڍي هئي، ”هون... جڻ اسان سندس ڪير ڪونه لڳون. اِئين آهي تـ ورڇي پاڻ ٻـ پنهنجي دوست وٽ.“ نرمون ڪاڪي شايد نيڻن جي ڳالهه نه ٻڌي. جي ٻڌي هٽائين تڏهن ٻه اٽڪي ڪري ڇڏيائين.

دوست جي موت کان پوءِ نرمون ڪاڪي جو چاه پنهنجي زندگي مان نڪري ويو. پڙيءَ تـي بي دليو وڃي وهندو هو. ڪو ڪيس همت ونائڻ وارو ٻـ ڪونه هو. گيان تـ گهٽو اڳـ بمبئيءَ ۾ هڪ پرائيويٽ نوڪري ڪرڻ لڳو هو.

ڪڏهن ڏينهن تـ پنهنجي عادت موجب ڪڏهن ڪڏهن پڙيءَ پنيان پنهنجي دوست جي گهر ٻه هلي ويندو هو. پهرين جڏهن ڪشور ۽ سندس پارن سان ڳالهائيندو هو تـ هو ٻه جواب ڏيندا هئس، پر آهستي آهستي ڪشور کـي نرمون ڪاڪي جي اچڻ تـي هڪ بوجهه جو احساس ٿيڻ لڳو. هڪ دفعي تـ چئي

ادگهڻ ٿيو ته، وڃي ساڻس ڳالهايم. هميشه وانگر ڪيڪاري ڏنائين، ”اڄ ٻچا، آهين ته خوش نه؟“ مون ڪيس چيو، ”ڪاڪا اسان ته بلڪل ٺيڪ آهيون. توهان ڪيو پنهنجي ڳالهه. ڪيئن ٿو هلي توهانجو ڌنڌو؟“

ڪلهندي چيائين، ”ڏس ٻچا، دنيا ڪيترو نه اڳتي وڌي وئي آهي. چاليهه سال اڳ جڏهن سنڌ مان لڏي آيا هئاسين تڏهن هن پيڙيءَ لي پاپي ڪئي ۽ مونکي ايمان هوندو هئو. هاڻي ته ٻارڪن جي اڳيان ٺهيان، چار چار پنج پنج ماڙ بلڊنگون ٺهي ويون آهن. ۽ وري هي اوسي پاسي وارا شاهي دوڪان! چون ٿا ته هاڻي اسانجي ڪئمپ ۾ سڀ لکپتي ٿي پيا آهن ۽ جلد ڪروڙپتي ٿيڻ جا وجهه پيا ڳولهين ۽ مان......“

ڪاڪو چپ ٿي ويو. سندس سڄو هٿ پنهنجو پاڻ قميص جي مٿئين سوني بٽڻ کي ڇهڻ لاءِ وڌيو ۽ ناڪامياب ويو ڇو جو اهو بٽڻ ته، اتي موجود ڪين هئو.

... مان اتي وڌيڪ بيهي نه سگهيس.

پوءِ ڪيترن مهينن تائين ڪاڪي ٽرمونءَ جي ڏکوڙ جهڳڙي جا آواز ايندا رهيا!! جڏهن به گيان کي موقعو ملندو هو ته هو پيءُ کي پڙي وڪڻڻ لاءِ زور

توهان ته پڙيءَ کي تڏهن ڇڏيندا جڏهن......"

نرمون ڪاڪو ڪجهه وقت پٽ کي ڏسندو رهيو پوءِ کيس چيائين، "ها، ها پٽ چئي ڏي ڇمپ ڇو تي وٺين ٿو. پڙي مان تڏهن ڇڏيندس جڏهن مسڻ ۾ ويندس. ٻڌي وٺ، اها پڙي منهنجي بابي جي نشاني آهي. اُن پڙيءَ مان مون توکي پڙهايو ۽ وڏو ڪيو. اُن پڙيءَ مان مون ٻن ڌيئرن جون شاديون ڪرايون. هاڻي ٻاسي ۾ وڏا وڏا جنرل اسٽور اچي ويا آهن ته ڌنڌو ته ٻيهندو ئي. مونکي بيڙيون نه کپن پٽ، پر پڙي نه مان ڪونه ڇڏيندس."

ڪاڪي جي زال سياڻيءَ سڀ ٻڌي ٻڌو پر ڪجهه چيائين ڪونه. هوءَ به چڱ گهوٽ مان اُداس ٿي پيئي هئي. پٽ ۽ نونهن مان ڪيس دپ ٿيندو هو. هن سمجهي ورتو هو ته سندس ڀلائي اُنهن ۾ ئي آهي ته پنهنجي پٽ ۽ نونهن جو ساٿ ڏي. جي گهوٽ جو ساٿ ڏنائين ته پاڻ به دکي ٿيندي ۽ سندس ڌيئرن جو در به بند ٿي ويندو.

ڪاڪو نرمون پوءِ ستسنگ تي هلي ويو. ٻن ٽن سالن کان ڪاڪي ستسنگ تي وڃڻ شروع ڪيو آهي. ڪڏهن ڪاڪي سياڻي به ساڻ هلي هلندي اٿس.

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ ڪاڪي جي پڙيءَ وٽان

پڙهائيندس. ٻنهي منٽن کان پوءِ جڏهن گيان گهر
واپس آيو ته اچي ٻيءَ تي ڏمريو. گهڻو ئي ڳالهايائين.
ڪجهه ستو، ڪجهه ماءُ جي معرفت ۽ ڪجهه زال جي
معرفت. اُن ڏينهن سڄي پاڙي نرمون ڪاڪي جي
گهر ۾ هلندڙ مهاڀارت ٻڌو.

گيان آفيس ۾ ويندي ويندي ڏمڪي ڏيندو ويو
ته جي ڪاڪو پڙي وڪڻڻ لاءِ تيار نه ٿيندو ته گيان
گهر ڇڏي هليو ويندو. پوءِ ڏسون ڪير ٿو هلائي گهر
جو گاڏو.

ڪاڪو اُن ڏينهن پڙيءَ تي ڪونه ويو. پنهنجي
کٽ تي ليٽي پاسا بدلائيندو رهيو. ماني به ڪونه
کاڌائين. سچ ته اُن ڏينهن ڪنهن به ڪانئس مانيءَ
لاءِ پڇيو به ڪونه. ڪاڪي به اوري وقت کان پوءِ
ڌيءَ وٽ هلي وئي ۽ سندس ننهن گهر جي ڪم
ڪار ۾ لڳي وئي.

منجهند جو ڪاڪو کٽ تان اٿيو ۽ سڳڻي
سوناري وٽ لنگهي ويو. قميص مان پيو سولو ٻٽڙ
ڪڍي سڳڻي جي تريءَ تي رکيائين ۽ روئي پيو.
سڳڻي کان پيسا وٺي گهر آيو. ٻه ڌوتيون ۽ ٻه قميصون
ڳوٺڙيءَ ۾ وڌائين. ڪنهن کي نمسڪار ڪري ٻيءَ
جي فوٽي تي به متو ٽيڪيائين. سٽسنگ واري گروءَ
جو ننڍو فوٽو ڳوٺڙيءَ ۾ وجهي ڪلياڻ اسٽيشن

ٻڌندو هو. گيان جي جوءِ ۾ گهونگهٽ ڪڍي گهوٽ جي سُر ۾ سُر ملائيندي هئي. ها باقي ڪاڪيءَ سماڳيءَ جو ته ڪم ئي هو پٽ نڌهن جو ساٿ ڏيڻ.

اُن ڏينهن جيوٽداس جو پٽ ڪشور صبح ساڻي سندن گهر اچي نڪتو هو. گيان اڃا گهر ۾ ئي هو. ڪشور ڪاڪي کي پيري پئي چوڻ لڳو، "ڪاڪا، مان توهانجي پٽ جهڙو آهيان. منهنجي ڳالهه نه موٽائجو. توهانجي پڙي لاءِ هاڻي هلي ڪونه ٿي، مونکي به پنهنجي ريڊيميڊ جي ڌنڌي لاءِ وڌيڪ جڳهه جي ضرورت آهي. توهان مونکان لک رپيا وٺو ۽ اها پڙي مونکي ڏئي ڇڏيو. لک رپيا وياج تي رکي آرام سان زندگي پيا ڪٽجو. ڪاڪا منهنجي ڳالهه موٽائجو نه."

ڪاڪي ڪشور جي مٿي تي هٿ رکي وراڻيو، "پٽ تون منهنجي پٽ جهڙو نه، پر پٽ ئي آهين. مون پاڻ ۾ ۽ جيوڻ ۾ ڪڏهن فرق محسوس نه ڪيو آهي. پر اهو ته ٻڌاءِ ته مان پڙي ڇڏيان ته ڪيان ڇا؟ وڃان ڪيڏانهن؟ پٽ اهو ڪم مونکان ته ڪونه ٿيندو."

اُتي ڪشور ڪاڪي کي ايترو ئي چيو هو، "مالڪ آهيو ڪاڪا." هوءِ گيان کي هٿ کان وٺي ٻاهر وٺي ويو هو ۽ پنج منٽ الائي جي کهڙو ٻاٽ

رشمن جا ڦوڪڙا

تاريخ ٣٠ آگسٽ، ٨٨

ميرا سوچيو، اڄ ڪنئي کي فون ڪرڻي ئي پوندي. اڃا نه منجهند جا ٻه لڳا آهن. ديشپانڊي جن اڃا نه سمهيا پيا هوندا. چئين کن هو جاڳندا نه پوءِ وڃي فون ڪري اينديس. فون نه ڪنديس ته ناراض ٿي ويندو. جي سونوءَ جو بخار وڌي ويو ته مان به منجهي پونديس. اڄ ته چٽي ويو آهي ته ڏنو سان ايندو جو ڪنهن دوست سان پڪچر ڏسڻي اٿس. الائي جي ڪهڙي دوست سان پروگرام اٿس؟

پرس ڪڍي ڪنئي جو وزٽنگ ڪارڊ ڳولهڻ لڳي. جنهن ۾ سندس آفيس جو ٽيليفون نمبر به آهي. ڪارڊ ڪيس پرس ۾ نه مليو. ميرا ٽيليفون جو نمبر ياد ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي. شايد ٢٠٢٥٥١٤، نه نه، ٢١٢٥٥١٣ يا ٢١٢٥١١٥. ميرا ڪنئي کي ڇهه مهينا اڳ فون ڪئي هئي جڏهن سندس پيءُ ڪانپور مان اوچتو آيو هئي. ٻي گهر مان فون ڪرڻ ٻه ته

ڏانهن روانو ٿي ويو. سندس نونهن سهري کي ويندو ڏٺو ضرور چيائين ڪجھ ڪونه. ضرورت ئي ڪهڙي هئي؟ هن لاءِ ته جڳ هڪ بلا ٿي.

اُن ڏينهن شام جو هڪ پاڙي واري ڪاڪي ٽيومڻ کي ڪياماڙي اسٽيشن تي پنجاب ميل ۾ چڙهندو ڏٺو هئو.

اڄ ڪاڪي سياڻي پنهنجي ٽٽين لٿل کوٺڙيءَ ۾ ويٺي آهي. سندس نونهن سندس سڀ سامان آڻي هن ننڍي کوٺڙيءَ ۾ رکيو آهي. اَڃا هاڻي ئي هوءَ ڪاڪي ٽيومڻ جي هڪ پراڻي جتي ۽ هڪ ڦاٽل ڌوتي هن کوٺڙيءَ ۾ ڦٽي ڪري وئي هئي.

ڪاڪي سياڻي ڪاڪي جي ڦاٽل ڌوتيءَ کي ٻنهي هٿن ۾ پڪڙيو سوچي رهي آهي، هوءَ ته اڃا جيئري آهي، پر سندس زندگي ته پڄي وئي آهي.

ته نه، هڪ ساڙهي نه پر ٻه ساڙهيون وٺي ويندس.
پاڻ به ته ٻه شرٽس وٺي ڏنيون اٿائين مونکي!"

۳۱ ڊسمبر، ۸۱

"اڄ اسانجي شاديءَ کي ۴ سال پورا ٿيا. مون موڪل ڪونه ورتي. ميرا کي چيم ته موڪل وٺان. پر سندس طبيعت ٺيڪ ڪونه هئي. جڏهن کان ڏينهن سان ٿي آهي، تڏهن کان سندس طبيعت ڪجهه اُڪيڙل اُڪيڙل ٿي رهي، ماني به اڄ ڪونه ڏنائين. ماني ٻاهران کائي آيو آهيان ۽ ليڪچر روم ۾ ويهي هيءَ ڊائري لکي رهيو آهيان. ڪڏهن ڪڏهن ڊائري لکڻ ۾ به هڪ سڪون ٿو ملي. ڊائري به جڻ پنهنجو دوست آهي جنهن سان ڳالهيون ڪريو، من وندرائي ٿو سگهجي.

اڳئين شاديءَ جي سالگره تي آفيس مان لون وٺي مون ميرا کي فرج وٺي ڏني. هن سال ته ڊليوريءَ لاءِ ڪجهه پيسا پاسيرا رکيا آهن. ميرا به چيو آهي، "فضول خرچي ناهي ڪرڻي." ميرا لاءِ هڪ ڪتاب "Child Care" ۽ گلاب جي گلن جو ڳڇو لئي وٺي ويندس."

ڏکي آهي. ميرا سوچيو، هاڻي هوءَ ڇا ڪري؟ سندس نظر ڪمري جي ڪاري هينڊ بيگ تي پيئي جا هوءَ اڄ کڻي نه ويو آهي. شايد بئگ ۾ سندس آفيس جو نمبر ملي پوي. ڏسان. بئگ کولڻ سان ئي کيس هڪ جهوني ڊائري تي ڏسڻ ۾ آئي. ڊائري ۱۹۸۰ جي آهي. ميرا ڊائري اٿلائي ٿي. ڪيترن پنن تي ڪجهه لکيو آهي. ڇپيل تاريخون ڪٿي هٿ سان تاريخون لکيل آهن.

ميرا لکيل پنا پڙهڻ ٿي لڳي.

۱۱ جون، ۸۰

”ڪالهه ميرا جو جنم ڏينهن هئو. مون آفيس مان موڪل ورتي هئي. کيس ”چوري چوري“ پڪچر ڏيکاري آيس. پوءِ چوپاٽيءَ تي پاڻي پوري ۽ آئيسڪريم کاڌيسين. منهنجي مرضي هئي ته مان کيس مون لائين تي وٺي وڃان ۽ ”روپ-ملن“ مان هڪ سلڪ جي ساڙهي وٺي ڏيان. پر هوءَ ضد ڪري مونکي ”اڪبر علي“ءَ ۾ وٺي هلي. سندس جنم ڏينهن تي مونکي به سٺيون شرٽس وٺي ڏنائين. سندس ڏنل هڪ شرٽ پائي جڏهن اڄ آفيس پئي آيس ته منهن ڪيترن نه ٽڙيل هئس. اڄ سندس لاءِ به هڪ ساڙهي ”روپ-ملن“ مان ضرور وٺي ويندس.

۳۱ ڊسمبر، ۸۳

"اڄ اسان جي شاديءَ کي ٦ سال گذري ويا. سونو
ٻه اڄ سوا سال جو ٿيو آهي. ميرا سونوءَ کي خوب
پيار ڪندي آهي. مان ٻــ ڪو ڪيس گهٽ ڪونه
گهرندو آهيان جيترو ميرا چوندي آهي اهو آئي
ڏيندو آهيانس. مون اڄ ٻه ميرا کي چيو ته هل ته
اڄ جهو لنچ تي ٿا هلون. ڪائي ٻڪڙ ٻــ ڏسي
ايندا سين. ميرا جي دل ڪونه هئي. ننڍي ٻار جو
بهانو ڪري ٽاري وئي. مان به تيار ٿي آفيس هلي
آيس.

سونو اڄڪلهه ڪان ٻوءِ لئين لڳندو آهي ته ميرا جو
مون مان چاهه ڪجهه گهٽجي ويو آهي. هاڻي ٿورو
دير سان وڃڻ سان ڪجهه پڇندي ٻــ ڪانه آهي.
ڳالهائيندي آهي ته به گهٽ ڪري سونوءَ جي ٻاري
۾ يا ٻهڪندي ٻارڙي ۾. منهنجو پيار به لڳندو آهي ته
ڪجهه ڏنڊلو پيو ٿيندو وڃي.
شايد وقت جو بوجهه رشتن جي ڦوڪڻ کي
سائيندو پيو وڃي!"

١ اپريل، ۸۴

"اڄ صبح جو جڏهن آفيس ۾ آيس ته ٽيبل
تي هڪ لفافو ڏٺم. لفافو کوليم ته منهنجي بدليءَ جو

٣ سيپٽمبر ٨٢ع

"ڊئڊي ٿيڻ جو احساس اڄ ڪتڪتائي ڪري رهيو آهي. ڪالهه سونوءَ جي ڇٺي ڌوم ڌام سان ملهائيسين. ممي، ڊئڊي ۽ گيتو به ڪانپور مان آيل آهن. پوٿي مان ٻبلوءَ جو نالو "س" تي ڪڍيو. اسان ڊئڊيءَ کي چيوسين ته نالو هو ئي رکن. ڊئڊي ڏاڍو خوش ٿيا ۽ ٻبلوءَ جو نالو "سهيل" رکيائون. مميءَ چيو اسان ته کيس "سونو" چونداسين. ممي ٻيڊروم ۾ وڃي ميرا کي به نالو ٻڌائي آئي. مميءَ چيو جڏهن مان ٢٩ سال اڳ ڄائو هوس تڏهن منهنجو نالو به منهنجي ڏاڏي رکيو هئو. هو ڪرشن ڀڳوان جو پوڄاري هئو ۽ نالو به "ڪ" تان ڪڍيو هو. منهنجي ڏاڏي به منهنجو نالو ڪڍيو ڪٿي رکيو. ڊئڊيءَ ڏانهن ڏٺم ته سندس اکين ۾ به ڳوڙها ڀرجي ٿيا. ڏاڏي جي ياد اچي وئي هوندس. پوءِ ڳوڙها اگهي سونوءَ کي ڀاڪي پائي چمي ڏنائين.

شايد ٢٩ سال پوءِ هي چڪر وري دهرائجي."

ڊائري بند ڪري ميرا پاسي ۾ سمهيل سونوءَ جي نرڙ تي هٿ لاتو. کيس لڳو سندس بخار ڪجهه ڀرو ٿيو آهي. ڊاڪٽر جي دوا جو اثر ٿيڻ لڳو آهي. سندس نرڙ تي هڪ چمي ڏيئي ميرا وري پڙهڻ لڳي.

ڇڪائيندڙ آهن. ڏند سھڻا اٿس ۽ ٺهڪ ولوڙيندڙ. کيس هڪ پڙي ۽ ڪوڙو ڏنم جو هن ٻنهي هٿن مونکان ورتو. وٺندي منهنجي هٿ کي ٻه ڇهيائين. سندس ڇهاءُ من کي ڏاڍو وڻيو. ميرا جي هٿ کي ڇهڻ سان ته ائين ڪانه ٿيندو آهي!"

٣١ مئي، ٨٤

"اڄ مان گھر مان گلاب جهون ڪٺي آيو هئس. چترا کي ڪالھ خاص چٺي تيار ڪرايا هئا. اڄ چترا جو جنم ڏينهن جو آهي. ٻهرين اپريل کان پوءِ مان ۽ چترا ماني گڏ کائيندا آهيون. ٻهراڻ جڏهن پنهنجي ماني کڻي منهنجي ڀرسان اچي ويٺي ته کجھ شڪي ٿيس جو لنچ روم ۾ ويٺل سڀ ماڻهون اسان ڏانهن نهاري رهيا هئا. چترا آهستي چيو، "بڇين ٿو؟" ته همت وڌي ويئي. هاڻي ته هري ويا آهيون. آفيس وارا به کجھ ڪونه چون. هو به اسانجي ڳالهائڻ ٻولهائڻ تي هري ويا آهن.

صبح جو هڪ لفافي ۾ گلاب جو گل وجھي چترا جي ٽيبل جي خاني ۾ رکي ڇڏيم. ڪجھ وقت کان پوءِ ليڊيز روم ۾ ويئي اهو گلاب پنهنجي وارن ۾ لڳائي آئي. مون ڏانهن ڏسي مرڪي ڏنائين. هاڻي

آرڊر هئو. مونکي جمشيدپور برانچ ۾ ٽن ڏينهن اندر رپورٽ ڪرڻو هئو. جي رپورٽ نه ڪيم ته مون تي ڪارروائي ڪئي ويندي.

مونکي ڪجهه سمجهه ۾ نه پئي آيو. منهن مٿي ڪيم ته ناڻي، ڇوهارڻ ۽ موري ڪي ٻارڻ ڏانهن ٿي نهاريندو ڏٺم. باقي چترا منهنجي پاسي واري ٽيبل تي ٽائيپ رائيٽر تي ٺڪ ٺڪ ڪندي رهي. ڇوهارڻ کي ٻارڻ وٽ سڏ ڪري ليٽر ڏيکاريم. هو ليٽر ڏانهن ڌيان نه ڏيئي منهنجي منهن ۾ چتائي نهارڻ لڳو. جڏهن ڪيس چلائي چيم، "ليٽر ڏس. مون ڏانهن ڇا ٿو ڏسين؟" ته پاسي واريءَ ٽيبل تان کلڻ جو آواز آيو. چترا ڏانهن نهاريم ته هوءَ وڏا وڏا ٽهڪ ڏيئي کلڻ لڳي. ناڻي پوپان ئي واڪو ڪيو "اپريل فول."

ڪلاڪ ٻه موڊ خراب رهي. ٻڪرو به مونکي ئي بڻايائون! جڏهن لنچ روم ۾ ماني پئي کاڌيسين تڏهن چترا اچي منهنجي پاسي ۾ ويٺي. مشڪي مونکان معافي وٺڻ لڳي جو منهنجي بدليءَ جو ڪوڙو آرڊر هن ئي ٽائيپ ڪيو هئو.

چترا کي هونئن ته آفيس ۾ ڪم ڪندي ٻه سال ٿي ويا آهن. پر مون هن ڏانهن ڪو خاص ڌيان نه ڏنو آهي. اڄ پاسي ۾ اچي ويٺي ته وڻڻ لڳي. ڪاري پراپر هئي، پر سندس روش ۽ بيهڪ

خوب پيار ڪيائين. چترا هميشه مونکي چوندي آهي، ”ڪنو، مان توکي تنهنجي گهر وارن سان هميشه خوش ڏسڻ چاهيندس. مونکي ميرا ۽ سونوءَ جي پاڳ مان ڪسيل خوشي ڪانه کپي.“ ٻئي دفعي وري چيو هٿائين، ”جيڪي توکي پيارا آهن اُهي مونکي به پيارا آهن.“ ٽئين دفعي، ”ڇا تون ميرا ۽ چترا ٻنهي کي ڀرپور پيار نٿو ڪري سگهين؟“

مون چترا کي ڪجهه چيو ڪونه. پر من ۾ ضرور چيم، ”ڪوشش ته ڪري رهيو آهيان...... اڳتي الائي جي چاهي؟“

١١ جون، ٨٥

ڪالهه ميرا ٣١ سال پورا ڪيا. مون آفيس مان موڪل ورتي هئي. ميرا جي نه نه ڪرڻ لاءِ به ڪيس ۽ سونوءَ کي ”نهرو پلانيٽيريم“ ڏسڻ وٺي ويس. ميرا سونوءَ کي مهنجي گود ۾ ڏيئي پاڻ مهنجي ڪلهي تي سمهي پيئي. ڪوڙي آسمان جا ڪوڙا تارا ڏسي سونو ڏاڍو خوش ٿيو.

اڄ چترا کي به ماني کارائيندي ڪالهه جي ڳالهه ۾ سڀ ٻڌايم. مهنجي همٿ تي هٿ رکي مشڪندي چيائين، ”ڏاڍو سٺو ڪيئه، پر مون توکي ڪالهه ڏاڍو مس ڪيو.“ ڏٺم سندس مهن ۾ ٻي مشڪ نه

سمجهندس هٿن سان گڏ مرڪ ۽ اکين جو چهاڳ ب
ڪنڪنائي ڪندو آهي.

پوءِ ان چترا سان رشتو ونڊائڻ وقت گناهه جي
احساس اچي ورايو هئو. هاڻي اُن گناهه جي احساس
کان مڪتي پائڻ جو رستو ب— ڳولهي ڪڍيو آهي
جڏهن ڏينهن چترا کي ڪجهه وٺي ڏيندو آهيان ت
ميرا لاءِ ب ڪا سوکڙي وٺي ويندو آهيان. اُن ڏينهن
ميرا ورجايو ب ت هي چاڪليٽ، گلاب جا گل، هي
مٺايون توهان نئين ۽ مان وٽڻ چالو ڪيون آهن. مون
مشڪي ڳالهه کي ٽاري ڇڏيو. مان ميرا کي پيار ۾
گهڻو ڪوڙ لڳو آهيان. جڏهن ڏينهن چترا سان شا
جو گهمڻ ويندو آهيان، تڏهن ڏينهن ميرا کي ڏاڍو
پيار ڪندو آهيان.

اڄ چترا سان ڇهين واري شو ۾ "نمـــروا"
پڪچر ڏسندس. چترا مونکي پيـــر خوشيون ڏنيون
آهن، مان ب کيس مڙڻ پيار ڏيندس."

١ جنوري، ٨٥

ڪالهه شاديءَ جـــي سالگره جـــي مون گهر
پارٽي ڏني. سڀئي آفيس جي دوستن کـــي گهر
گهرايم. چترا ب پنهنجي ماءُ سان آئـــي هئي. ميرا
سان تمام گهڻي سڪ سان ڳالهايائين ۽ سونوه کي

ڇڪائيندڙ آهن. ڏند سهڻا اٿس ۽ ٽهڪ وندرائيندڙ.

ڪيس هڪ ٻيڙي ۽ ٻڪوڙو ڏنم جو هن ٻنهي هٿن
مونکان ورتو. ونندي مهنجي هٿ کي به چميائين.
سندس ڇهاءُ من کي ڏاڍو وڻيو.

ميرا جي هٿ کي ڇهڻ سان ته اڳئين ڪانه ٿيندو
آهي!"

٣١ مئي، ٨٤

„اڄ مان گهر مان گلاب جون ڪٽي آيو هئس.
ميرا کي ڪالهه خاص چٺي ليار ڪرايا هئا. اڄ
ميرا جو جنم ڏينهن به آهي. پهرين اپريل کان پوءِ
مان ۽ ميرا ماني گڏ کائيندا آهيون. هاڻي جڏهن
پنهنجي ماني کڻي مهنجي پاسان اچي ويٺي ته
ڪجهه شڪي ٿيس جو لنچ روم ۾ ويٺل سڀ
ماڻهون اسان ڏانهن نهاري رهيا هئا. ميرا آهستي
چيو، „پڇين ٿو؟" نه هٿ وڌي ويٺي. هاڻي ته
هري ويا آهيون. آفيس وارا به ڪجهه ڪونه چون.
هو به اسانجي ڳالهائڻ ٻولهائڻ تي هري ويا آهن.

صبح جو هڪ لفافي ۾ گلاب جو گل وجهي ميرا
جي ٽيبل جي خاني ۾ رکي ڇڏيم. ڪجهه وقت کان
پوءِ ليڊيز روم ۾ ويئي اهو گلاب پنهنجي وارن ۾
لڳائي آئي. مون ڏانهن ڏسي مرڪي ڏنائين. هاڻي

آرڊر هيو. مونکي جمشيدپور برانچ ۾ انهن ڏينهن اندر رپورٽ ڪرڻو هيو. جي رپورٽ نه ڪيم ته مون تي ڪارروائي ڪئي ويندي.

مونکي ڪجهه سمجهه ۾ نه پئي آيو. منهن مٿي ڪيم ته ناڻو، چوهاڻ ۽ موريءَ کي پاڻ ڏانهن ٿي نهاريندو ڏٺم. باقي چترا منهنجي پاسي واري ٽيبل تي ٽائيپ رائيٽر تي ٺڪ ٺڪ ڪندي رهي. چوهاڻ کي پاڻ وٽ سڏ ڪري ليٽر ڏيکاريم. هو ليٽر ڏانهن ڌيان نه ڏيئي منهنجي منهن ۾ چتائي نهارڻ لڳو. جڏهن ڪيس چلائي چيم، "ليٽر ڏس. مون ڏانهن ڇا ٿو ڏسين؟" ته پاسي واريءَ ٽيبل تان کلڻ جو آواز آيو. چترا ڏانهن نهاريم ته هوءَ وڏا ٽهڪ ڏيئي کلڻ لڳي. ناڻو پويان ئي واڪو ڪيو "اپريل فول."

ڪلاڪ ٻه موڊ خراب رهي. ٻڪرو به مونکي ئي بڻايائون! جڏهن لنچ روم ۾ ماني پئي کاڌيسين تڏهن چترا اچي منهنجي پاسي ۾ ويٺي. مشڪي مونکان معافي وٺڻ لڳي جو منهنجي بدليءَ جو ڪوڙو آرڊر هن ئي ٽائيپ ڪيو هيو.

چترا کي هوندي ته آفيس ۾ ڪم ڪندي ٻه سال ٿي ويا آهن. پر مون هن ڏانهن ڪو خاص ڌيان نه ڏنو آهي. اڄ پاسي ۾ اچي ويٺي ته وڻڻ لڳي. ڪاري برابر هئي، پر سندس روش ۽ ويهڪ

٣١ ڊسمبر، ٨٣

”اڄ اسان جي شاديءَ کي ٦ سال گذري ويا. سونو به اڃ سوا سال جو ٿيو آهي. ميرا سونوءَ کي خوب پيار ڪندي آهي. مان به کو کيس گهٽ ڪونه گهرندو آهيان جيڪي ميرا چوندي آهي اهو آڻي ڏيندو آهيانس. مون اڄ به ميرا کي چيو ته هل ته اڄ جهو بيچ تي ٿا هلون. ڪائي ڪپڙو به ڏسي ايندا سين. ميرا جي دل ڪونه هئي. ننڍي ٻار جو بهانو ڪري ٽاري وئي. مان به تيار ٿي آفيس هلي آيس.

سونو اڄڪلهه ڪان پوءِ اٿين لڳندو آهي ته ميرا جو مون مان چاهه ڪجهه گهٽجي ويو آهي. هاڻي ٿورو دير سان وڃڻ سان ڪجهه پڇندي به ڪانه آهي. ڳالهائيندي آهي ته به گهڻو ڪري سونوءَ جي ٻاري ۾ يا ٻئي ٻارن ۾. مونکي پيار به لڳندو آهي ته ڪڇ ڏنڌلو پيو ٿيندو وڃي.

شايد وقت جو بوجهه رشتن جي ڦوڪڻ کي سائيندو پيو وڃي!“

١ اپريل، ٨٤

”اڄ صبح جو جڏهن ٽي آفيس ۾ آيس ته ٽيبل تي هڪ لفافو ڏٺم. لفافو کوليم ته مونکي بدليءَ جو

٣ سيپٽمبر ٨٢،

"ڏاڏي ٿيڻ جو احساس اڄ ڪتڪتائي ڪري رهيو آهي. ڪالهه سونوءَ جي ڇٺي ڌوم ڌام سان ملهائيسين. مهيءَ، ٻلبلي ۽ گيتو ٻه ڪانپور مان آيل آهن. ٻرهمڻ ٻبلوءَ جو نالو "س" تي ڪڍيو. اسان ٻلبليءَ کي چيوسين ته نالو هوءَ ئي رکن. ٻلبلي ڏاڍو خوش ٿيا ۽ ٻبلوءَ جو نالو "سهيل" رکيائون. مهيءَ چيو اسان ته کيس "سونو" چونداسين. مهي ٻيڊروم ۾ وڃي ميرا کي ٻه نالو ٻڌائي آئي. مهيءَ چيو جڏهن مان ٢٩ سال اڳ ڄائو هوس تڏهن منهنجو نالو ٻه منهنجي ڏاڏي رکيو هئو. هوءَ ڪرشن ڀڳوان جو پوڄاري هئو ۽ نالو ٻه "ڪ" تي نڪتو هو. منهنجي ڏاڏي ٻه منهنجو نالو ڪنهيو ڪڍي رکيو. ٻلبليءَ ڏانهن ڏٺم ته سندس اکين ۾ ٻه ڳوڙها ڀري آيا. ڏاڏي جي ياد اچي وئي هوندس. پوءِ ڳوڙها اگهي سونوءَ کي ڀاڪي پائي چمي ڏنائين.

شايد ٢٩ سال پوءِ هي چڪر وري دهرائجي."

ڊائري بند ڪري ميرا پاسي ۾ سمهيل سونوءَ جي نرڙ تي هٿ لاتو. کيس لڳو سندس بخار ڪجهه ڀرو ٿيو آهي. ڊاڪٽر جي دوا جو اثر ٿيڻ لڳو آهي. سندس نرڙ تي هڪ چمي ڏيئي ميرا وري پڙهڻ ئي لڳي.

۽ نہ، ھڪ ساڙھي نہ پر ٻہ ساڙھيون وٺي ويندس.
پارٽ ٻہ نہ ٻ، شرٽس وٺي ڏنيون اٿائين مونکي!"

٣١ ڊسمبر، ٨١

"اڄ اسانجي شاديءَ کي ٤ سال پورا ٿيا. مون موڪل ڪونہ ورتي. ميرا کي ڇيمر ۾ موڪل وٺان. پر سندس طبيعت ٺيڪ ڪونہ ھئي. جڏھن کان ڏيھن سان ٿي آھي، تڏھن کان سندس طبيعت ڪجھہ اڪڙيل اڪڙيل ٿي رھي، ماني بہ اڄ ڪونہ ڏنائين. ماني ٻاھران کائي آيو آھيان ۽ لدنج روم ۾ ويھي ھيءَ ڊائري لکي رھيو آھيان. ڪڏھن ڪڏھن ڊائري لکڻ ۾ بہ ھڪ سڪون ٿو ملي. ڊائري بہ ڄڻ پنھنجو دوست آھي جنھسان ڳالھيون ڪري، من وندرائي ۽ سکھجي.

اڳئين شاديءَ جي سالگرہ تي آفيس مان لون وٺي مون ميرا کي فرج وٺي ڏني. ھن سال تہ ڊليوريءَ لاءِ ڪجھہ پيسا پاسيرا رکيا آھن. ميرا بہ چيو آھي، "فضول خرچي ناھي ڪرڻي." ميرا لاءِ ھڪ ڪتاب "Child Care" ۽ گلاب جي گلن جو گڇو ليءِ وٺي ويندس."

ڏکي آهي. ميرا سوچيو، هاڻي هوءَ ڇا ڪري؟
سندس نظر ڪنهن جي ڪاري هينڊ بيگ تي
پيئي جا هوءَ اڄ ڪٺي نه وٺو آهي. شايد بيگ ۾
سندس آفيس جو نمبر ملي پوي. ڏسان. بيگ کولڻ
سان ئي کيس هڪ جهوني ڊائري ئي ڏسڻ ۾ آئي.
ڊائري ١٩٨٠ جي آهي. ميرا ڊائري اٿلائي ٿي.
ڪيترن پنن تي ڪنهن ڪجهه لکيو آهي. ڇپيل
تاريخون ڪٽي هٿ سان تاريخون لکيل آهن.

ميرا لکيل پنا پڙهڻ ٿي لڳي.

١١ جون، ٨٠

”ڪالهه ميرا جو جنم ڏينهن هئو. مون آفيس مان موڪل ورتي هئي. کيس ”چوري چوري“ پکچر ڏيکاري آيس. پوءِ چوپاٽيءَ تي پاڻي پوري ۽ آئيسڪريم کارائيمانس. منهنجي موڪل هئي نه، مان کيس مرين لائين تي وٺي ويس ۽ ”روپ-ملن“ مان هڪ سلڪ جي ساڙهي وٺي ڏنيمانس. پر هوءَ ضد ڪري مونکي ”اڪبر علي“ءَ ۾ وٺي هلي. سندس جنم ڏينهن تي مونکي به سٺيون شرٽس وٺي ڏنائين. سندس ڏنل هڪ شرٽ پائي جڏهن اڄ آفيس پهتس ته مهين ڪيئن نه ٺهيل هئس. اڄ سندس لاءِ به هڪ ساڙهي ”روپ-ملن“ مان ضرور وٺي ويندس.

رشمن جا ڦوڪڙا

تاريخ ٣٠ آگسٽ، ٨٨

ميرا سوچيو، اڄ ڪنهن کي فون ڪرڻي ٿي پوندي. اڃا ته منجهند جا ٻه لڳا آهن. ديشپانڊي جن اڃا ته سمهيا پيا هوندا. ڇهين ڪن هو جاڳندا ته پوءِ وڃي فون ڪري ايندس. فون نه ڪنديس ته ناراض ٿي ويندو. جي سونوءَ جو بخار وڌي ويو ته مان به منجهي پونديس. اڄ ته ڇٽي ويو آهي ته دنو سان ايندو جو ڪنهن دوست سان پڪچر ڏسڻي اٿس. الائي جي ڪهڙي دوست سان پروگرام اٿس؟

پرس ڪڍي ڪنهن جو وزٽنگ ڪارڊ ڳولهڻ لڳي. جنهن ۾ سندس آفيس جو ٽيليفون نمبر به آهي. ڪارڊ ڪيس پرس ۾ نه مليو. ميرا ٽيليفون جو نمبر ياد ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي. شايد ٢٠٢٥٥١٤، نه ته، ٢١٢٥٥١٣ يا ٢١٢٥١١٥. ميرا ڪنهن کي ڇهه مهينا اڳ فون ڪئي هئي جڏهن سندس پيءُ ڪانپور مان اوچتو آئي هئي. ٻي گهر مان فون ڪرڻ به ته

ڏانهن روانو ٿي ويو. سندس ٻنهن سهري کي ويندو ڏٺو ضرور ڇيائين ڪجھ ڪونه. ضرورت به ڪهڙي هئي؟ هن لاءِ ته جڳ هڪ بلا ٿي.

اُن ڏينهن شام جو هڪ پاڙي واري ڪاڪي ٺرمونءَ کي ڪلياڙ اسٽيشن تان پنجاب ميل ۾ چڙهندو ڏٺو هئو.

اڄ ڪاڪي سياڻي پنهنجي ننڍين ٿهيل ڪوٺڙيءَ ۾ ويٺي آهي. سندس ٻنهن سندس سڀ سامان آڻي هن ننڍي ڪوٺڙيءَ ۾ رکيو آهي. اُڃا هاڻي ئي هوءَ ڪاڪي ٺرمونءَ جي هڪ پراڻي جتي ۽ هڪ ڦاٽل ڌوتي هن ڪوٺڙيءَ ۾ ڦٽي ڪري ويئي هئي.

ڪاڪي سياڻي ڪاڪي جي ڦاٽل ڌوتيءَ کي پنهي هٿن ۾ پڪڙي سوچي رهي آهي، هوءَ نه اڃا جيئري آهي، پر سندس زندگي ته پڄي ويئي آهي.

پڙهايائيندس. پنهنجن مٽين کان پوءِ جڏهن گيان گهر
واپس آيو ته اچي پيءُ اي ڏٺريو. گهٽو ٿي ڳالهايائين.
ڪجهه سنڌو، ڪجهه ماءُ جي معرفت ۽ ڪجهه زال جي
معرفت. اُن ڏينهن سڄي پاڙي ڏرمون ڪاڪي جي
گهر ۾ هلندڙ مهاڀارت ٻڌو.

گيان آفيس ۾ ويندي ويندي ڏمڪي ڏيندو ويو
ته جي ڪاڪو پڙي وڪڙ لاءِ تيار نه ٿيندو ته گيان
گهر ڇڏي هليو ويندو. پوءِ ڏسون ڪير تو هلائي گهر
جو گاڏو.

ڪاڪو اُن ڏينهن پڙيءَ لئي ڪونه ويو. پنهنجي
ڪٽ لي ليٽي پاسا بدلائيندو رهيو. ماني به ڪونه
کاڌائين. سج ته اُن ڏينهن ڪنهن به ڪالهه ماڻيءَ
لاءِ پڇيو به ڪونه. ڪاڪي به آوري وقت کان پوءِ
ڏيءَ وٽ هلي وئي ۽ سندس ڌيهن گهر جي ڪم
ڪار ۾ لڳي وئي.

مرحمد جو ڪاڪو ڪٽ تان اٿيو ۽ سڳدي
سوناري وٽ لنگهي ويو. قميص مان پيو سولو پٽڙ
ڪڍي سڳدي جي آڙيءَ لئي رکيائين ۽ روئي پيو.
سڳدي ڪان پيسا وٺي گهر آيو. ٻ تونيون ۴۲ ڪميون
ڳوڙهيءَ ۾ وڌائين. لاڪون ڪـي نمسڪار ڪري پيءُ
جي فوٽي تي به مٿو ٽيڪيائين. سٽسنگ واري گروءَ
جو نعلو فوٽو ڳـوڙهيءَ ۾ وجهي ڪلهاڙ اسٽيشن

ڏيندو هو. گيان جي جوءِ ۾ گهونگهٽ ڪڍي گهوٽ جي سڄ ۾ سڄ ملائيندي هئي. ها ٻـاقي ڪاڪيءَ سڀاڳيءَ جو نه ڪم ئي هو پٽ ڌيئن جو ساٿ ڏٺو.

اُن ڏينهن جيوٽداس جو پٽ ڪشور صبح ساڻ سويرن گهر اچي نڪتو هو. گيان اڃا گهر ۾ ئي هو. ڪشور ڪاڪي کي پيري پئي چوڻ لڳو، "ڪاڪا، مان توهانجي پٽ جهڙو آهيان. منهنجي ڳالهه ٻـڌ مڃيندو. توهانجي پڙي ۾ هاڻي هلي ڪونه ٿي، مونکي به پنهنجي ريڊيميڊ جي ڌنڌي لاءِ وڌيڪ جڳهه جي ضرورت آهي. توهان مونکان لک روپيا وٺو ۽ اها پڙي مونکي ڏئي ڇڏيو. لک روپيا وياج تي رکي آرام سان زندگي ٻيا ڪٽجو. ڪاڪا منهنجي ڳالهه مڃيندو نه."

ڪاڪي ڪشور جي مٿي تي هٿ رکي وراڻيو، "پٽ تون منهنجي پٽ جهڙو نه، پر پٽ ئي آهين. مون پاڻ ۾ ۽ جيوڻ ۾ ڪڏهن فرق محسوس نه ڪيو آهي. پر اهو نه ٻڌاءِ ته مان پڙي ڇڏيان ته ڪيان ڇا؟ وڃان ڪيڏانهن؟ پٽ اهو ڪم مونکان نه ڪونه ٿيندو."

انتي ڪشور ڪاڪي کي اڄرو لي ڇيو هو، "مالڪ آهيو ڪاڪا." پوءِ گيان کي هٿ کان وٺي ٻاهر وٺي ويو هو ۽ ٻنهي مٽ الائي جي کهڙو ٻاٽ

اڻگھڙ ٿيو ته وڃي ساڻس ڳالھايم. ھميشه وانگر ڪيڪاري ڀڃيائين، ”اڄ ٻچا، آھين نه خوش ڇا؟“ مون ڪيس چيو، ”ڪاڪا اسان نه. بلڪل ٺيڪ آھيون. توھان ڪيو پنھنجي ڳالھه. ڪيئن ٿو ھلي توھانجو ڌنڌو؟“

ڪلھڻدي چيائين، ”ڏس ٻچا، دنيا ڪيتري نه اڳتي وڌي ويئي آھي. چاليھه سال اڳ جڏھن سنڌ مان لڏي آيا ھئاسين تڏھن ھن پاڙي ۾ لي ٻاٻي ڪسي ۽ مونکي ايمان ھوندو ھئو. ھاڻي نه ٻئرڪن جي اڳيان ٺيان، چار چار پنج پنج ماڙ ٻلڊنگون ٺھي ويون آھن. ۽ وري ھي اوسي پاسي وارا شاھي دوڪان! چون ٿا ته ھاڻي اسانجي ڪئمپ ۾ سڀ لکپتي ٿي پيا آھن ۽ جلد ڪروڙپتي ٿيڻ جا وجھه پيا ڳولھين ۽ مان......“

ڪاڪو چپ ٿي ويو. سندس سڄو ھٿ پنھنجو ڦاٽل قميص جي مٿئين سوني ٻٽڻ کي ڇھڻ لاءِ وڌيو ۽ ناڪامياب ويو ڇو جو اھو ٻٽڻ ته اُتي موجود ڪين ھئو.

... مان اُتي وڌيڪ ويھي نه سگھيس.

پوءِ ڪيترن مھينن لاءِ ڪاڪي نرمونءَ جي ڏھر جھڳڙي جا آواز ايندا رھيا.! جڏھن به گيان کي موقعو ملندو ھو ته ھو پيءُ کي پڙي وڪڻڻ لاءِ زور

توهان تہ ٻيڙيءَ کي ڪڏهن ڇڏيندا جڏهن......"

نرمون ڪاڪو ڪجهہ وقت پٽ کي ڏسندو رهيو پوءِ کيس چيائين، "ها، ها پٽ چئي ڏي چپ ٿيو تي وٺين تہ ٻيڙي مان ڪڏهن ڇڏيندس جڏهن مسڻ ۾ ويندس. ٻڌي وٺ، اِها ٻيڙي منهنجي بابي جي نشاني آهي. اُن ٻيڙيءَ مان مون توکي پڙهايو ۽ وڏو ڪيو. اُن ٻيڙيءَ مان مون ٻن ڌيئرن جون شاديون ڪرايون. هاڻي ٻاسي ۾ وڏا وڏا جهول اِسٽور اچي ويا آهن تہ ڌنڌو تہ ٻيهندو ئي. مونکي پيڙهيون نہ کپن پٽ، پر ٻيڙي تہ مان ڪونہ ڇڏيندس."

ڪاڪي جي زال سياڳيءَ سڀ ڳئي ٻڌو پر ڪجھ چيائين ڪونہ. هوءَ ٻہ ڇڙ گهوٽ مان اُداس ٿي پيئي هئي. پٽ ۽ نونهن مان ڪيس ڊپ ٿيندو هو. هن سمجهي ورتو هو تہ سندس ڀلائي اُن ۾ ئي آهي تہ منهنجي پٽ ۽ نونهن جو ساٿ ڏي. جي گهوٽ جو ساٿ ڏنائين تہ ٻاڻ ٻہ ڏکي ٿيندي ۽ سندس ڌيئرن جو در بہ بند ٿي ويندو.

ڪاڪو نرمون پوءِ سٽسنگ تي هلي ويو. ٻن ٽن سالن کان ڪاڪي سٽسنگ تي وڃڻ شروع ڪيو آهي. ڪڏهن ڪاڪي سياڳي بہ ساڻ هلي هلندي اٿس.

ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ ڪاڪي جي ٻيڙيءَ وٽان

ٻه ڏنو هئائين، ”ڪاڪا، توهان ته واندا آهيو جو
توهانجو ڏنڊو ته هلي ڪونه ٿو. پر اسانکي ته هزار
ڪم آهن.“ ڪاڪو سمجهي ويو ته سعدس ٻار ڪان
سواءِ سعدس گهر ٻه پراڻو ٿي پيو آهي. هو وس
پڄندي وري جيوٽداس جي گهر نه ويو.

هاڻ هڪ سال اڳ جڏهن ڪشور کي مدي جو
بخار ٿي پيو هو ته هو ڪيس پڇڻ ويو هو. ڪمري ۾
ٽنگيل جيوٽداس جي فوٽي کي ڏسي سعدس من
ڀري آيو ۽ ڪڙو ٻاهر نڪري آيو. پوءِ سعدس
پيڙيءَ ٿي وهندي ٻه دل ڪونه ٿي. ٻڙي بند ڪري
هو گهر هلي آيو.

اڻ وقت هڪي ٻڙي پيٽ جي تمنا ٿي. ٻڌو
سعدس وٽ ٻيڙن لاءِ پيسا ڪونه هئا. گيان اڻ ڏينهن
گهر ۾ ئي وينو هئو. ڪاڪي گيان کي ٻيڙن جو
بندل آڻڻ لاءِ چيو ته هو ميڙجي ويو ۽ اناپ شناپ
وقلڻ لڳو، ”توهانجون ٻيڙيون ته گهر جو ديوالو
ڪڍي ڇڏينديون. ڪمائيو ڪجهه ڪونه وڃو پيا
چڙو اڏائيندا. مان پيرن کي سڃاڻان، توهانکي
سڃاڻان يا پنهنجي گهر کي سڃاڻان. مان ٻه ڪو
لاٽ صاحب ڪونه آهيان. آهي اهائي سڪي ٻڪي
پرائيويٽ جي نوڪري. گهڻا دفعا چيو ئي مانو ته
اها ٻڙي وڪٽي ڇڏيو ته ٻه پيسا هٿ ۾ اچن پر

ٽي ڏينهن پنهنجي پڙي ۾، بند رکي ڇڏيائين. ماڻي ڪاڻ تي به سندس اُوراھ نہ ٻڌي ٿيو. سندس ڪوٺيءَ ڀرسان لنگهندي مون ڪيس پنهنجي گهر واريءَ کي چوندو ٻڌو هو، ”سدوري، هاڻي تہ ڀڳوان منهنجا به ڏينهن ڪٽائي. جڏهن يار هلي ويو تہ جڻ هي سنسار به هلي ويو.“ سياڻي ڪاڪيءَ تہ ڪيس ڪو جواب ڪونہ ڏنو هو ۽ سندس نهن ضرور ڀڙڀڙ ڪئي هئي، ”هون... جڻ اسان سندس ڪير ڪونہ لڳون. اِئين آهي تہ وڃي ڀاڻ ۾ پنهنجي دوست وٽ.“ نرمون ڪاڪي شايد نهن جي ڳالھ نہ ٻڌي. جي ٻڌي ڇڏائين تڏهن بہ اڻٻڌي ڪري ڇڏيائين.

دوست جي موت کان پوءِ نرمون ڪاڪي جو چاھ پنهنجي زندگي مان نڪري ويو. پڙيءَ تي ٻي دليو وڃي ويهندو هو. ڪو ڪيس همٿ وڌائڻ وارو بہ ڪونہ هو. گيان تہ گهڻو اڳ بمبئيءَ ۾ هڪ پرائيويٽ نوڪري ڪرڻ لڳو هو.

ڪجھ ڏينهن تہ پنهنجي عادت موجب ڪڏهن ڪڏهن پڙيءَ ڀنيان پنهنجي دوست جي گهر بہ هلي ويندو هو. ٻهرين جڏهن ڪشور ۽ سندس ڀاڻ سان ڳالهائيندو هو تہ هوءَ بہ جواب ڏيندا هئس، پر آهستي آهستي ڪشور کي نرمون ڪاڪي جي اچڻ تي هڪ ٻوجھ جو احساس ٿيڻ لڳو. هڪ دفعي تہ چئي

اُن دستاويز تي گيان ڪي پنهنجي ننڍي پيٽ ڊروءَ جي پر صحيح جي ضرورت هئي. پر ڊرو سياڻي نڪتي. جيسين پاءُ ڪان هڪ هزار روپيا نه ڇڏايائين تيسين صحي نه ڪيائين.

اُهو دستاويز نرمون ڪاڪي جي پڙيءَ جي وڪڻ جو هو. پڙي پئي ڪڏهن نه. پر ڪاڪي جي جگري دوست جيوٽداس جي پٽ ڪشور خريد ڪئي هئي. هوُ ڪيترن سالن کان ڪاڪي نرمونءَ جي پنيان هو ته هوُ ڪيس پڙي وڪڻي. پر ڪاڪو ڪيترن سالن کان ٽاڪي ڀڄائيندو آيو هو. جڏهن ڳالهه کي ڪاڪو نرمونءَ ڪيترن سالن کان ٽيڻ ڪان ڀڄائيندو آيو هو اُها ڳالهه ڪاڪي جي پٺ ڏيندي ئي ٿي وئي.

جيوٽداس جي اڄ زنده هجي ها ته اُئين ٿيڻ نه ڏئي ها. هن جو نرمون ڪاڪي ۾ جهڙي ساهه هو. ڏينهن جا پئي ڪلاڪ ته هوُ ضرور هڪ ٻئي جي صحبت ۾ گذاريندا هئا. يا ته ڪاڪو نرمون پنهنجي دوست جي گهر هليو ويندو هو يا جيوٽداس اچي ڪاڪي جي پڙيءَ تي ويهندو هئو. ڪيترا ڀيرا ماني به گڏجي ئي کائيندا هئا.

مونکي ياد آهي ته جڏهن پنج سال اڳ جيوٽداس ساهه ڇڏيو هو ته ڏهن نرمون ڪاڪي زار زار رنو هو.

ڏنڌو ڪندو آهي. ڊرو فنشن لائين ڪندي آهي جڻ پاڻ به ڪا فارين جي گڏي هجي. هوءَ جڏهن به ماءُ پيءُ وٽ ايندي آهي تڏهن ڪجهه نه ڪجهه ڦري ئي ويندي آهي.

خير، مون ڳالهه ٿي ڪئي ته ڪاڪيءَ لاءِ الڳ ڪوٺڙي تيار ٿي ويئي آهي. ڪوٺڙي گهر جي پاهران اڱڻ ۾ ٺهيل آهي. ڪوٺڙيءَ جي هڪ ڪنڊ ۾ ماني ٺاهڻ لاءِ ٿلهو به ٺهيل آهي. جڏهن گيان جي ڪنوار کان هڪ پاڙي واريءَ پڇيو ته، "ڇو ڙي، توهان هاڻي ئي سس کي الڳ ڪري رهي آهيو ڇا؟" ته موڙي جواب ڏنو هئائين، "اسان ڇو الڳ ڪيونس ماڻيءَ کي. پر ڪڏهن ڪڏهن جي مرضي ٿئيس ته الڳ ڪري ڪائي ته سگهي ٿي نه. اُن لاءِ رنڌڻو به ٺهرائي ڏنو اٿئونس. اُن ۾ ته سندس ئي ڀلو آهي."

ها ڀلو ته هدن سياڻيءَ ڪاڪيءَ جو گهڻو ئي ڪيو آهي. نومون ڪاڪي جي وڃڻ جي ٻئي ڏينهن ئي گيان پنهنجي ماءُ کان هڪ دستاويز تي صحي وٺي ڇڏي. سيتا به اُن وقت گهر آيل هئي. گيان سندس به صحي وٺي ڇڏي. پوءِ پنهنجي زال کي ڪلندي چيو هئائين، "هاڻي سمجهه اسان جا سڀ ڏک دور ٿيا."

جو ٻ ڪاڪي جي عمر جو ٻئي اُهو تہ ۵۰-۵۵
ورهين جو هوندو. جيوتداس پنهنجي گهر ۾ تہ
ريڊيميڊ ڪپڙا سبائڻ جو ڪم ڪندو هو جنهن ۾
سندس پٽ ڪشور ٻہ هٿ وٺائيندو هو. ڪاڪي
ڄمونءَ جي ايندي تہ هو سڀ ڪم ڇڏي ڪاڪيءَ
سان حال احوال اورڻ ويهي رهندو هو.
منهنجي گيان سان مڱ ڪان ڪونہ ٿيندي آهي.
هوءَ مونکان ٻہ سال ڪن وڏو آهي. جڏهن بہ هوءَ پڙهيءَ
تي ويندو آهي تڏهن مان اُتان ڪا بہ شيءِ ڪونہ
وٺندو آهيان. جڏهن ٻئي نديا هئاسين تڏهن گيان
مونکي هڪ اهڙو تہ ڌڪو ڏنو هو جو اُن ڌڪي جو
نشان اڃا منهنجي نڙ تي آهي. شايد اهو نشان
منهنجي من تي بہ رهجي ويو آهي.
ها باقي گيان جي وڏي ڀيڻ سيتا جا گيان کان
۴-۵ سال وڏي آهي اُن مونکي ڪڇ ۾ کڻي گهڻو
ئي کيڏايو آهي. هاڻي هوءَ پنهنجي گهوٽ ۽ ۴ ٻارن
سان ٿئين نمبر ۾ رهندي آهي. سندس پتي پوسٽ
آفيس ۾ نوڪري ڪندو آهي. سيتا جو پنهنجي ماءُ
۽ پيءُ ۾ ساھ آهي. هفتي ۾ هڪ دفعو ضرور اچي
سندن سڌ سماءُ لهي ويندي آهي. گيان جي ننڍي
ڀيڻ دروپدي تہ ٽوڙو، اڳيان تي هڪ مسراڙي جاءِ
۾ رهندي آهي. سندس گهوٽ فارمن جي مال جو

ٿيو آهي. جڏهن کان سانئڻ آئي آهي تڏهن کان
نرمون ڪاڪي کي سڄي هٿ ۾ ٿيلهي لٽڪائيندو ۽
کٻي هٿ سان پنهنجي ڏولي سنڀاليندو پنهنجي
سيڏي جي پڙيءَ ڏانهن ايندو ويندو ڏٺو آهي.
ڪٽڪ رنگو ڪاڪو نرمون، ڪڇھ ڏگهيرو ڪاڪو
نرمون، اڌ اڇن ۽ اڌ ڪارن وارن جي وچ مان سيند
ڪيندڙ ۽ پنهنجي اڇي قميص لاءِ ٽي سونا بٽڻا
لٽڪائي هلندڙ ڪاڪو نرمون.

ڪاڪي جي پڙي ڀر ۾ ٻڌڪون ٻنيان منهنجي
اِسڪول جي ويجھو ئي هئي. مون ڪيترا ڀيرا
سندس پڙيءَ تان بسڪيٽ يا ڪٽمنڙا وٺي کاڌا آهن.
هو هميشه مونکي "ٻچا" ڪري سڏ ڪندو آهي.
اُن ٻچا اکر ۾ اڄ ڀي (جڏهن مان ۳۱ سالن جو ٿي
ويو آهيان) مونکي اٿاھ سڪ ۽ سنيھ ملندو آهي.

ڪاڪي نرمونءَ جي پيڙي پيئڻ جو ڍنگ ڀي
عجيب هو. پنهي هٿن سان پيڙيءَ کي پڪڙي جڏهن
سوٽو هڻندو هو تڏهن سندس ٻئي اکيون بند ٿي
وينديون هيون. ڄڻ سڄي دنيا ڀلائي ڀاڪي سوٽي
جي دنيا ۾ سمائڻ جي ڪوشش ڪندو هجي!

ڪڏهن جڏهن پنهنجي پٽ گيان کي پڙيءَ تي
وهاري پڙيءَ جي ٻنيان واري گهر ۾ هليو ويندو هو.
اُن گهر ۾ سندس ننڍپڻ جو يار جيوٽداس رهندو هو

پڃي وبل زندگي

ڪاڪيءَ جي لاءِ ڪوٺڙي تيار ٿي وئي آهي. نرمون ڪاڪي جي وڃڻ کان هڪ هفتو پوءِ ٿي سياڻي ڪاڪيءَ لاءِ الڳ ڪوٺڙي ٺهڻ جو ڪم شروع ٿيو هو. اڄ ٻارهن ڏينهن ۾ ڪوٺڙي تيار ٿي وئي آهي. ٻارهان ۽ ست. ان جو مطلب ته نرمون ڪاڪي کي هلي وئي اڄ پورا ١٩ ڏينهن ٿيا.

نرمون ڪاڪو مونکي چڱيءَ طرح ياد آهي. جڏهن کان سانيءَ کان وٺي ڏينهن رات منهنجي سامهون واريءَ ڪوٺيءَ ۾ ڏسندو آيو آهيان، اهو ڀلا ڪيئن وسري سگهندو! اسانجي الهاسنگر ۾ ٻين آسهون سامهون ٻڪرڪن ۾ رهندڙ ماڻهن کي هڪ ٻئي جي پوري خبرچار هوندي آهي. ڪنهن کان ڪا ڳالهه ڳجهي نه هوندي آهي! پوءِ ڪاڪو نرمون ته منهنجي گهر جي سامهون واريءَ ڪوٺيءَ ۾ ئي رهندو هو.

منهنجو جنم الهاسنگر-١ جي مڇي مارڪيٽ جي ٽوڙو پنيان واريءَ هڪ ٻڪرڪ جي ڪوٺيءَ ۾

ڪردارن جي من جو عڪس ڏسڻ لاءِ ملي ٿو وڃي. ان عڪس مان اسين زندگيءَ جا گوناگون روپ ڏسي ٿا وٺون ۽ جيون جي ادائن کي سمجهڻ جي ڪوشش به ڪري ٿا وٺون.

ٻسيءَ جون هي ڪهاڻيون مونکي ته خوب وڻيون آهن پر ٻانڪن اڳيان رکي پڇون ٿا ”اوهان کي وڻيون؟“

پوپٽي ر. هيراننداڻي

ٻئي انسان جي من ۾ پيهي هڪ رواجي ڳالهه
کي اَهڙو رنگ ڏنو آهي جو اِها ڳالهه من کي ڌڪ
هڻي ٿي وڃي!

”موهن جـون ديوارون ۽ واسنا جا سڏ“

ڪهاڻيءَ ۾ هڪ مرد جي جسماني بک ڏانهن اِشارو
ڪيل آهي. هڪ سهج سڀاوڪ تقاضا کي سماج
جي نيمن ڪيئن نه خراب رنگ ڏيئي ڇڏيو آهي؟

ٻئيءَ هن ڪهاڻيءَ ۾ هڪ ناياب جملو چوايو
آهي. گهڻي ڀاڱي وڏر جوان کي چيو ويندو آهي ته
پنهنجي لاءِ نه مگر ٻارن لاءِ ٻي شادي ضرور ڪر.
هن ڪهاڻيءَ جو ڪردار چوي ٿو پنهنجي لاءِ ته
جيڪر شادي ضرور ڪريان مگر ٻارن جي ڪري
ئي ته نه ٿو ڪريان! ڇو ته ماٽيلي ماءُ ٻارن جي
سڳي ماءُ بڻجي نه سگهندي.

”سڳنڌ وار رکياڻي“ ڪهاڻيءَ ۾ پيار ۽ هوس جي
وچ ۾ فرق ڏانهن لوچ ڏنل آهي.

ليکڪ زندگيءَ جي لازوال حقيقتن سان هاڻوڪي
زماني جي لکڻيءَ جي طرز مطابق نباهيو آهي.
آفيس جو ماحول ۽ گهر جي فضا ۾ هڪ رواجي
ماڻهوءَ جي زندگيءَ ۾ آيل گهٽنائن جو ذڪر ڪري
هن اُن ماڻهوءَ جو رد عمل ڏيکاريو آهي. ليکڪ جي
ويچارن جو سلسلو مسلسل آهي جنهن سان آسانيءَ

جواب ۾ چيو هو "اولاد". جيڪڏهن اولاد سکي آهي، خوش آهي، تندرست آهي ته مائٽ خوش آهن ۽ سکي آهن پر جيڪڏهن سندن سنتان کي بيماري ڪري ٿي ته انهنجو سارو سک گم ٿي وڃي ٿو، سندن خوشي اڏامي وڃي ٿي. کين ٻوءِ ٻي ڪا ڳالهه مٺي نه ٿي لڳي! پر جڏهين کين پنهنجي سنتان جي بيماريءَ جي نجات جو ڪو ڏس ملي ٿو تڏهين اهي ائين خوش ٿا ٿين جڻ کين مڪتي ملي ويئي آهي! جنم جي قيدي کان نه ٿي سهين پر ڇٽائن کان نه ملي نه؟

"ٽٽل چشمو" کهاڻي ان نوجوان جي آهي جو ماءُ جو ٽٽل چشمو ٺهرائڻ ڏيئي آيو آهي مگر ايترا پئسا ڪين اٿس جو مرمت جا پئسا ڏيئي عينڪ وٺي اچي! ايتري ۾ کيس پگهار ملي ٿو. کيسو گرم اٿس. شو ڪيس ۾ هڪ سهڻي ساڙهي ڏسي اها پنهنجي زال لاءِ خريد ڪري ٿو! مرد جو سياوڪ وهدوار آهي. پنهنجيءَ زال لاءِ سٺي يا سهڻي چيز خريد ڪري ۽ هن کي اها شيءِ حاصل ڪري خوش ٿيندو ڏسي پاڻ به خوش ٿئي ۽ تصور ڪري محسوس ڪري ان سهڻي ساڙهيءَ ۾ هوءَ ڪيتري نه سندر لڳندي! جوان مرد آهي ان ڪري ماءُ جو چشمو کيس ايترو ياد نه ٿو رهي!

بابت ٻڌائي ته پوءِ هن شخص جو صرف بدن ئي اُتي حاضر رهي ته باقي سندس من ساڳي ڳالهه ۾ ئي ايترو مشغول آهي جو هوُ مهاتما جا وچن هاڻ ٻڌي ئي نه ٿو.

ليکڪ جي هيءَ آکاڻي مدو وگيانڪ ئي آهي.

”زندگيءَ کان زندگيءَ تائين“ آکاڻي زال مڙس جي رشتي بابت آهي. هيءُ رشتو هڪ انسان کي ٻئي جي ايترو ويجهو آڻي ٿو جو ٻيا سڀ رشتا پري هٽي وڃن ٿا. انڌهين ۾ آدمي پنهنجي جيون-ساٿيءَ کي جيئن هوُ آهي تيئن قبول نه ٿو ڪري! ماءُ يا پيءُ جيئن به جهڙي آهي، هنکي اهو خيال نه ٿو اچي ته انهن کي بدلائي ٻي ولي اچان! مگر زال کي هوُ بدلائڻ چاهي ٿو. هنجو سڀاءُ ڦيرائڻ چاهي ٿو، هنکي پنهنجيءَ مرضيءَ موجب هلائڻ چاهي ٿو ۽ هن جي خامين تي زور ڏئي ٻاڪي ڏايو پريشان ڪري ٿو. ڪيترن جوڙن جو اهو حال آهي جو هوُ هڪ ٻئي کي جهڙا آهن تهڙا تسليم نه. ڪري اُنهن کي پنهنجيءَ طرح يا ٻئي سڀاءُ يا حال جا ڏسڻ چاهين ٿا ۽ ائين نه ٿو ٿئي ته پاڻ ڏايو دکي ٿين ٿا!

”مڪتيءَ جي ڳولها ۾“ ڪهاڻيءَ ۾ ماٺهوءَ جو اولاد لاءِ پيار ڏيکاريل آهي. اڪبر بيربل کان پڇيو هو ته دنيا ۾ سڀ کان مٺو ميوو ڪهڙو آهي؟ بيربل

جا انسان جي من جي عادت کي چٽرڻ ڪري ٿي.
هوندي انسان جو بدن هڪ هنڌ ويٺو هجي ته سندس
من ساري دنيا گهمي اچي ٿو مگر جيڪڏهين
اُن من کي خاص قسم جي ڳنڍ هجي ته پوءِ اوُ هڪ
ئي ڳالهه تي ائين اٽڪي پوي ٿو ائين جيئن پڳل
رڪارڊ تي سئي اٽڪي پوندي آهي ۽ ساڳي ساڳي
ڳالهه پيئي اُتان ٻڌبي آهي.

هڪ شخص کي آفيس ۾ پروموشن ملڻو آهي ۽
ان پروموشن تي سندس حق به آهي مگر ڪيس اهو
پروموشن ملي نه ٿو. اها ڳالهه کيس ايترو ته ستائي
جو سندس من صرف اها ئي ڳالهه پيو سوچي! هوُ
مهاتما جو اُپديش ٻڌڻ وڃي ٿو. مهاتما گيتا جا
شلوڪ سمجهائي رهيو آهي. هوُ مڪتيءَ جو ذڪر
ڪري سيدي کي چٽي رهيو هو ته موهه ۽ ايمان کان
آجا ٿيو. ماڻهن، ڳالهين ۽ شين جون غلط ڌارڻائون
ئاهي اوهان پنهنجو من اُجاڙيو ئي انهن ۾ ڦاسائي
رکيو آهي. سواميءَ جي ڳالهه کيس دل سان لڳي
ٿي. هن کي ايتري ٻڌي آهي جو هوُ سمجهي سگهي
ته پروموشن تي ئي سندس سک يا خوشيءَ جو آڌار
ڪيئهي. مگر پوءِ به هنجو من وري وري پروموشن
نه ملڻ واري ڳالهه تي اٽڪي پوي ٿو!

مهاتما من جي شانتي حاصل ڪرڻ جي اُپاءَ

ورتاءُ ڪن، اهڙي ڳالهه جا تفصيل ٻڌڻ سچائيءَ سان تيار آهن.

"رشتن جا ٽوڪڙا" ڪهاڻيءَ ۾ اڄ جي انسان جي روزمره جي زندگي چٽيل آهي جنهن ۾ هڪ مڌو وگياڻڪ سچ صحيح نموني ۾ ڦهڪايل آهي. مرد جڏهين پنجٽيهن چاليهن ورهين جو ٿئي ٿو، نواڻ جي خيال کان يا پنهنجي جوان هجڻ جي ڀرم ۽ خاطري وڻڻ جي خيال کان شادي شده هوندي ۽ ٻيءَ زال ڏانهن من ڊوڙائي ٿو. اڄڪين زماني ۾ ان سچ کي قبول ڪيو ويندو هو ۽ مرد جي پهرين پڻي ڪن سالن بعد مڙس کي پنهنجيءَ ڀيڻ، سوٽ يا ماسات سان شادي ڪرائيندي هئي. پر هاڻ آرٿڪ ۽ سماجڪ ڳالهين کي خيال ۾ رکي انهن ته ٿو ڪيو وڃي. ان حالت ۾ پنجٽيهه پنجاه سيڪڙو مرد آفيس ۾ يا ڌنڌي وغيره جي کيتر ۾ ڪنهن ٻيءَ زال کي پنهنجي جسماني يا محبتي دائره ۾ آڻين ٿا. پر اها ڳالهه اڄ ڪالهه مرد جي ٻڪڪ جيئان ٿي پوي ٿي. ڪجهه وقت لاءِ گهمي ڦري، دل ۽ دماغ کي نئين شوق ذريعي تازو ڪري مرد پنهنجي اڳينءَ استريءَ ۾ اچي وڃي ٿو. اها ڳالهه ٻنهيءَ نهايت خوبيءَ سان چٽيل ڪئي آهي.

"پروموشن" ڪهاڻي هڪ وچٽر ڪهاڻي آهي

صحيح آهي، فلاڻي جي ڪهاڻي مون کي وڻي ٿي ۽ فلاڻي جي مونکي پسند نه ٿي اچي......"

خير... نقادن جي مقرر ڪيل نيمن موجب يا نقطچينن جي صلاحن موجب لکندڙ سدا ليکڪ سڏجن ٿا يا ٿيو ۽ به... اُهڙا ليکڪ سٺيون ڪهاڻيون لکن ٿا، اٿين ته بلڪل ئي ڪينهي! تازو ڪيرت مهرچنداڻيءَ جي سمپادڪيءَ ۾ نڪرندڙ مئگزين "ٻيجل" ۾ نارائڻ محبوباڻيءَ جي لکيل ڪهاڻي "سيتا جو سويمبر" پڙهيم. ڪيترن چڱن ڀلن ڪهاڻينويسن جي ڪهاڻين کان گهڻو گهڻو سٺي اِها ڪهاڻي هئي!

اٿين پنهنجي خوبچنداڻي به تمام سٺيون ڪهاڻيون ٿو لکي. سندس هڪ مجموعي جون سڀ ڪهاڻيون سٺيون آهن.

"ٻچي ويل زندگي" ڪهاڻيءَ ۾ سنڌي گهر جو ماحول، سنڌي ٻول، سنڌي ڪردار سان گڏوگڏ انساني سڀاءُ جنهن ۾ نومونءَ جي زال مڙس جو پاسو نه ڪٽي پٽ ننهن جو پاسو ڪٽيندي ٿي رهي يا پيءُ جي سرڳواس ڪرڻ وقت بعد هنجي پٽ ڪشور کي پيءُ جي دوست جو اچڻ وڃڻ اهڙو نه ٿو وڻي پڻ چٽيل آهي. اڄ جي زماني ۾ جيڪا نئين لهر لڳي آهي جنهن ۾ ننڍا اهڙو خودغرض ۽ بي شڪر ٿي پيا آهن جو ماءُ پيءُ سان بيڪار چيزن جيئان ٿا

مهاڳ

جڏهن کان انسان پيدا ٿيو آهي تڏهن کان کهاڻي به پيدا ٿي آهي. ڳالهه کي کهاڻيءَ جيان ٻڌائڻ جو شوق گهٽ ڪين ٿئي ٿو. صرف ٻڌائڻ جو ڍنگ هر ڪنهن کي پنهنجو پنهنجو ٿئي ٿو. ڪو ڳالهه کي سنائي ٿو، ڪو وڌاءُ ڪري ٻڌائي، ڪو اُٽي سڌي مزو لئي ڪڍي ٿو ڳالهه ٻڌائي ٿو، ڪو اُن ۾ مرچ مصالح گڏي ڳالهه کي سوادي بڻائي ٿو ٻڌائي.

کهاڻيءَ جو موضوع ليکڪ جي سڀاءَ تي منحصر آهي. ڪنهن کي دک ڀري ڳالهه ٿي وڻي ته ڪنهن کان خوشيءَ جي، ڪو جسماني ڳالهه ۾ دلچسپي وٺي ٿو ته ڪو مانسڪ ڳالهه ۾، ڪو سماج کي پنهنجي شوق جو مرڪز ٿو بڻائي ته ڪو آرٽ ڳالهه کي ڪڍي پنهنجو نئون نجوئي لکي ٿو.

ڪي ٻڌائڻ جو شوق رکن ٿا ته ڀيا ڪي وري ٻڌڻيدي ڪرڻ جو سوداءُ پالين ٿا. ٻڌڻيئن چوندا ٿا وتن ”هيئن نه لکو هوئن لکو، هي لفظ نه هو لفظ ڪم آڻ، ٻڌائڻ جو نمونو هي صحيح نه آهي پر هو

هڪ وک ڪٽندي روشني-
ٻي وک ڪٽندي ٻاٽ،
ٽانڊاڻي جي لاٽ-
رات انڌاري پنڌ گهڻو.

نارائڻ شيام

سلسلو

Bhaji Vayal Zindgi

(Collection of Sindhi Short Stories)

By Bansi Khubchandani

Year- 1989

Price- Rs. 15/-

Published by- Smt. Premlata Khubchandani
A/2 'Anagha' Society, Sarojini Naidu Road,
Mulund (W), Bombay-400 080.

Printed by- Shri Ishwardas V. Jadwani
at Raju Printers, Station Road,
Ulhasnagar-42 003.

Cover Design- Smt. Jaya Puranik

Co-operation- Vikram Sahani

ادبي سوسائٽي
[illegible]
بنسي کوبچنداڻي

پڇي ويل زندگي

(ڪهاڻين جو مجموعو)

بنسي کوبچنداڻي



پچي
ويل
زندگي
بنسي خوبچنداڻي